سُمنگ چارڻ

(سنڌ جو هڪ قديم چارڻ)

ويهين صديءَ جي هن سائنسي ۽ تحقيقاتي دؤر ۾، دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ مختلف علمن (خاص طرح علم اللسان ۽ طبقات الارض) جا ماهر، جديد تحقيق جي اصولن تي، جنهن مستند طريقي سان ڇنڊڇاڻ ڪري، قديم قومن ۽ ڪُهنين تهذيبن جا تاريخي ۽ تمدني پهلو اجاگر ڪري چڪا آهن؛ تن جي روشنيءَ ۾ ڪنهن به قوم جي ثقافتي ۽ ادبي ورثي جي صحيح قدامت ۽ قدر ڪٿڻ البت آسان ٿي چڪو آهي. انهيءَ ڏس ۾ واديءِ مهراڻ جي تاريخ، تمدن ۽ ادب جي عظمت ۽ قدامت پڻ، اڄ هڪ مڃيل حقيقت جي حيثيت حاصل ڪري چڪي آهي.

زبان، جيڪا ادب ۽ ثقافت جو هڪ اهم عنصر آهي، ان جي باري ۾ پڻ بين الاقوامي معيار تي نوان نوان نظريا نروار ٿي چڪا آهن، جن جي آڌار تي ڪنهن به ٻوليءَ جي قدامت ۽ اصليت بابت وڌيڪ صحيح نتيجا قائم ڪري سگهجن ٿا. سنڌي زبان پڻ اهڙين آزمائشن ۽ تجربن سان منهن مقابل ٿي چڪي آهي ۽ جيئن منهن مهت تيئن سُرهي، جي مصداق، ڏيهي توڙي پرڏيهي محقق ان جو مادو ۽ اصل اجا ڪي اڳرو مڃي رهيا آهن.

اسان جي ادب جي ابتدا ۽ اُن جي اوسر جي آڪاٽي ته اجا به اؤر ٽيندي ٿي وڃي. سنڌ جي ڄڳان ڄڳ جهوني شاعري ۽ ڪسابن جي ڪُهني ڪوينا ديويءَ، هاڻي پنهنجي مشتاقن اڳيان، هري هري حجاب جا نقاب هٽائڻ شروع ڪيا آهن. پنهنجيءَ گنير گت سان ماضيءَ جي مڪانَ ڏانهن مڙندي، پنهنجن متوالن کي مام ۽ ميچ سان موهيندي.

انهن ڪي سندس اصلي آستان ڏانهن نيئي رهي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ سنڌ جي سرويچ سرواڻن ۽ ساهت جي سوجهيندڙ سڄاڻن، انهيءَ پريءَ پيڪر جا پير ڪڙيندي، جيڪا وٿڪار ووڙي آهي ۽ جيڪي ڏونگر ڏوريا آهن، تن ڪي سچ پچ تہ جس جڳائي. انهي سپوجهہ سڄڻن، سپون سوجهي منجهانئن جيڪي ماڻڪ موتي ميڙيا آهن، سي تحسين جي لائق آهن. پر:

"تهان ڏور سڄڻ، واڏايون وصال جون".

جڏهين اسين هن بحر بيڪنار کي پار ڪريون، جڏهين هزارها سالن جي هن قديم ۽ عظيم قوم جي علم ۽ ادب جا اهم اهڃاڻ ۽ قيمتي ڪڙيون ڳولي هٿ ڪري، انهن کي تناسب ۽ ترڪيب سان پچائي ملائي، دنيا اڳيان پيش ڪريون؛ ۽ دعوا ۽ دليل سان دم هڻي سگهون تہ اسان جو ادبي ورثو ۽ ترڪو مستند طور ڪيترو نہ قديم، عظيم ۽ قابل قدر آهي!

ادبي تاريخن ۽ تذڪرن ۾ هيل تائين قاضي قاضن (متوفي ١٥٥١ع) کي چند جي ماترائن تي دوها، سورٺا، تاهيندڙ سنڌ جو پهريون شاعر مڃيو پئي ويو پر اڄ، محققن انهيءَ کان بہ گهڻو اڳ جا امڙا اتڪل سورهن سڄاڻ سگهڙ سوجهي هٿ ڪيا آهن، جن جي ڪلام جو "مشت از نمونہ • خروار" نمونو پڻ غواصن سطح تي آندو آهي، جو سڀ ڳاهن جي صورت ۾ آهي. مٿين معلوم ڪيل ملوڪ مان مکيہ هي آهن:

(١) شيخ حماد جمالي،

(٢) پير صدرالدين

(٣) درويش نوح هوتياڻي،

(۴) پير حسن ڪبير،

(۵) پراڙ فقير

(٦) سلطان حسين آپلاٽي عرف پير پنو ديبلي،

(۷) فاضل بکري

(۸) اسحاق لهار، ۽

(۹) ميون علي ٺٽوي.

انهيءَ سڄيءَ سٽ جا سڄاڻ سگهڙ، سڀ سومرن جي صاحبيءَ کان پوءِ جا آهن، جن جو ڪلام بطور تبرڪ جي جيئرو رهندو، اڄ جي اسان تائين پهتو آهي. مٿيون سُموهيل سڄو ادبي سرمايو، سمن جي ٿي دؤر (۱۳۵۱-۱۵۲۱ع) جي درمياني عرصي جو عڪس آهي: پر انهيءَ کان به اڳي تيرهين - چوڏهين صديءَ جي ڪن ڀَٽن ۽ ڀانن جو پڙاڏو فضا کي گونجائيندو اسان تائين اچي پهتو آهي. انهن ڀانن مان 'ڀاڳو ڀانُ' برڪ آهي، جيڪو (چندر بردائي چارڻ وانگر) سومرن جي درباري ڀَٽ هو ۽ علاوالدين جي سنڌ تي حملي وقت (۱۳۱۳ع ڌر) به هڪيو حاضر هو.[1] انهيءَ جنگ تي سندس ٺاهيل 'ڳاهون' اڄ به ڀَٽ ۽ ميراسي فقير عام جام ڳائيندا وتن. ٻيو مشهور منگتو وري "سَمنگ چارڻ" آهي، جنهن جون ڳاهون هن مضمون جو مرڪزي مقصد آهن. پر، اهي ڳاهون ۽ ڳيچ، ڪِيرتون ۽ قول، گفتا ۽ ٻول، علم وارن جي نظر ۾ شايد ايتريءَ اهميت وارا نه هجن، جو انهن کي ليکي ۾ آڻين. ممڪن آهي ته عروضي شاعريءَ جي عشق ۾ گرفتار ٿي، اسان هنن ڳُوڙهين ڳاهن کي ڀارس ٻدران ٻٽر سمجهي، ٻراٿي ڪباڙخاني ڏانهن اڇليندا پئي آيا آهيون.

اهي ڳاهون جيڪي اڄ ڏينهن تائين ڀَٽن ۽ ڀانن، ميراسين ۽ مڱڻهارن جي واتان ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون، شاعريءَ جي اعتبار کان، پوئين دؤر جي دوهڙن کان زياده دلچسپ ۽ مضمون جي خيال کان اهم تاريخي حقيقتن تي شاهد آهن. اهي ڳاهون، انهن چارڻن ۽ جاجڪن جو في البديه ڪلام آهي، جن انهيءَ جنگ جي عڪاسي ڪندي عام ۽ خاص ماڻهن جي اٿيءَ ويهڻيءَ، سخا، سوڀ ۽ سچائيءَ جو جيڪو خاڪو

(۱) علاوالدين جي سنڌ تي ڪاهه، هڪ غير تاريخي واقعو آهي، پر هت روايت بيان ڪيل آهي. ممڪن آهي ته ڀاڳو ڀان، ٻڏل روايت تي ڪٻت جياهجن. غ م. گ.

پيش ڪيو آهي. سو حقيقت ۾ توجهہ جي لائق آهي. مٽير مانجهين جا مقابلا. ڪونڌرن جي ڪُسڻ جا المناڪ حادثا. سخي ڏاتارن ۽ مهمير مَردن جا مناقبا. اهڙي تہ ڪوڏ ۽ لوڏ سان ڳايائون. جو اهي اڄ بہ امر آهن. سومرن جي دؤر جون اهي رنگين ۽ سنگين تنوارون ۽ جهونگارون ئي آهن. جن اسان جي موجود سدابهار ۽ عظيم ادبي گلستان کي اوائل ۾ پيجي (Nursery) جو ڪم ڏنو آهي. ڳاهن جو سُرجڻ ۽ انگورجڻ. سومرن جي بلڪل اوائلي زماني يارهين صديءَ ۾ ٿيو آهي. جنهن جي معنيٰ تہ ڳاهن جي حقيقي حيثيت کي قبول ڪرڻ سان. اسان کي اڄ کان اٽڪل هڪ هزار سال اڳ جي رائج سنڌي شاعريءَ جو نمونو ملي وڃي ٿو.

ڳاهہ. اصل ۾ اپڀرنش (پراڪرت) لفظ 'گاٿا يا گاها' آهي. ۽ ان جي معنيٰ آهي 'ڳائڻ'. (اسم) يعني جيڪي ڳايو وڃي يا جو ڪجهہ سُر سان چئجي. (Melody, Modulation lyric) ڳيچ. ڳاچ. ڳيت ۽ ڳائڻ (هندستانيءَ ۾ گانا. گيت وغيره ۽ اهڙا ٻيا سڀ لفظ ڳاهہ جا ئي مثيل مهاندا آهن. هندي ادب ۾ بہ معلوم ڪيل شاعريءَ جي آڳاٽي صنف 'گاٿا' ئي مڃي ويئي آهي- انهيءَ ڪري هندي ادب جي تاريخ جو اوائلي دؤر بہ 'وير گاٿا ڪال يا وير ڳاها جڳ' جي عنوان سان شروع ٿئي ٿو.

لڳ ڀڳ نائين-ڏهين صدي بڪرمي ڌاري هندي ادب جي تاريخ شروع ٿئي ٿي. "وير گاها" (ويررس) جو ٻهريون مجموعو. ديش وچيہ جو شاميل "ڪمڻ راسو". (٨٧٠-٨٩٠ع) مرتب داستان جي صورت ۾ اوائلي حيثيت رکي ٿو. بقول ڪرنل جيمس ٽاڊ. انهيءَ عرصي ۾ بغداد جي خليفي مامون الرشيد عباسيءَ. چتور جي راجا ڪمڻ راءِ تي حملو ڪيو هو[١]. هندي ادب جي پختگي اٽڪل يارهين-ٻارهين صديءَ ڌاري آهي. انهيءَ زماني ۾ 'چندربردائي' نالي هڪ چارڻ. جيڪو (ڀاڳو ڀان

(١) هي واقعو تاريخي طور ڪيتريقدر درست آهي. ان لاءِ تاريخون خاموش آهن.
غ. م. گ.

وانگر) پرٿوي راج چوهاڻ جو درباري ڀَٽ هو. تنهن "پرٿويراج راسو" جوڙيو، جنهن جا وير گيت (دودي چنيسر جي رزميہ ڳاهن وانگر) بهادريءَ ۽ حب الوطنيءَ جي جذبات سان آراستہ آهن(١). عيسوي ٻارهين صديءَ ڌاري راجستان جي راجائي درٻارين ۾ ڀَٽ ۽ چارڻ، جنگ و جدل ۽ بهادرن جي ڪارنامن جي منظرنگاريءَ تي مامور ڪيا ويا. راجستان ۾ اڪثر اهڙيون لڙايون محض جاه و جلال جي نمائش خاطر بہ لڙيون وينديون هيون. وير رس گيتن ۾ 'همير مهاڪاويہ' پڻ قابل ذڪر آهي. 'بيسل راسو' (سنبت ١٢١٢) ۾ 'بيسل ديو' جي بهادريءَ سان گڏ، مالوا جي پرمار ڪماريءَ سان سندس پيار جي ٻچار پڻ ڪيل آهي. اهڙيءَ طرح تيرهين صدي عيسويءَ کان 'وير رس' (رزميہ شعر) ۽ 'سينگار رس' (عشقيہ شعر) جو پاڻ ۾ ميلاپ شروع ٿيو. رزم ۽ رومان جي ميل جي اها روايت بدستور جاري رهي، تان جو چوڏهين صديءَ ڌاري نج عشقيہ شاعريءَ (سينگار رس) جو دؤر بہ آيو. 'وير ڳاها جڳ' پوءِ بہ برڪمي سنبت ١٤٥٠ تائين هلندو آيو ۽ همير ديو

(١) 'چندر برداني' ۽ سندس 'پرٿويراج راسا'، علمي حلقن ۾ هڪ اختلافي مسئلو بڻجي چڪو آهي. عالمن ۽ محققن جي راءِ آهي تہ اهو ڪتاب جعلي ۽ الحاقي آهي. جو سورهين يا سترهين صديءَ ۾ تاليف ڪري، 'چندر بردائيءَ' ڏانهن منسوب ڪيو ويو آهي. ناقدن ان ڪتاب جي لساني پهلوءَ سان گڏ، ان جي مواد جي تاريخي طور ڇنڊڇاڻ پڻ ڪئي آهي. محققن جو آخري فيصلو اهو بيٺو آهي تہ "پرٿويراج راسا" ۾ ڏهہ سيڪڙو فارسي ۽ عربي لفظ موجود آهن. ان مان صاف ثابت آهي تہ اهڙي ابتدائي زماني ۾ اجمير ۽ دهليءَ جي زبان ۾، عربيءَ ۽ فارسيءَ جا ايترا لفظ آميزش ٿي وڃن، سو ناممڪن آهي. لساني حيثيت سان، اڙدو توڙي هندي زبان جي تاريخ ان آميزش کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. ٻيو تہ ان ڪتاب ۾ شهاب الدين غوريءَ جي سڄن شڪستن کي جنهن غلط ۽ افسانوي انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي، ان جي ترديد خود هندو محققن بہ ڪئي آهي.

ان طرح 'راسا' ۾ اهڙن جنگي هٿيارن جو بيان موجود آهي، جي سلطان ۽ پرٿويراج کان ڪيتري صديون پوءِ، بابر ۽ آخري مغل بادشاهن جي زماني ۾ پيدا ٿيا. مثلاً توبون، بندوقون، زنبورڪ ۽ ٻيا آتشي اوزار وغيره ٿيون تہ خود بادشاهہ جو نالو بہ غلط استعمال ڪيو ويو آهي. شهاب الدين، سندس ٻارائي وهيءَ جو نالو آهي. بادشاهہ ٿيڻ تي پاڻ کي معزالدين محمد بن سلم سڏايائين. سندس سرڪاري حڪمن دستاويزن ۽ سڪن تي بہ معزالدين نالو آيل آهي. ان ڪري اگر 'راسا' جو مصنف، سلطان معزالدين جي معاصرن مان هجي ها تہ پوءِ هو 'شهاب الدين' نالو نہ آڻي ها! 'راسا' ۾ توب ۽ بندوق جو ذڪر، ۽ زبان ۾ ڏهہ في صدي عربي، فارسي لفظن جي آميزش مان ظاهر آهي تہ هي ڪتاب مغل دؤر ۾ لکيو ويو آهي- ڇالاءِ تہ مغلن کان اڳ هندستان ۾ توب ۽ بندوق جو تصور ئي نٿو ڪري سگهجي.

چنانچ مهامهو پاڌيا ڪبراج شيامل دانجي، ۽ حافظ محمود شيراني، تاريخي بحث ڪري، ثابت ڪري چڪا آهن تہ اهو ڪتاب جعلي آهي. ڏسو 'هندي نورتن' ص ٥٢٠ ۽ 'پنجاب ۾ اردو' ص ١٢٦. اميد تہ سنڌي اهل قلم دوست، ان ڪتاب جي حوالن کي استعمال ڪندي ڪجهہ خيال ڪندا. - غ م. گ

جي عهد حڪومت جي خاتمي سان گڏ. ڳاهن جو پنج ست صديون پراڻو دور پڻ پورو ٿيو. هندي ڳاها وانگر سنڌي ڳاهن جي شروعات پڻ ڪن ڪردارن جي شخصي ساراهہ يا سِڪَ ڪرڻ سان ٿي آهي. پوءِ جي ڪن ڳاهن ۾ وري دعائون ۽ تمنائون بہ ظاهر ڪيل آهن. جيئن شيخ حماد جي هن ڳاهہ مان جام تماچي ۽ پٽس صلاح الدين لاءِ دهليءَ جي بند مان نڪري ننگر پهچڻ، ۽ جوٺي جام ڪان تخت وٺڻ جي تمنا ۽ دعا ڪيل آهي:

صلاح الدين تماچي ايندا سيگهہ سري،
جوٺا جهڙ جهپيو، پيس ڪوٽ ڪري.

سمي پٺي، انهن ۾ سڪار ۽ امن جي زماني ۾ تفريح طبع خاطر عشق جو اظهار پڻ رسمي طرح ٿيڻ لڳو. جيئن اڍي ڪيهر ۽ هوتل لگا مريءَ جي ڳاهن ۾ آهي.

سمن جي دؤر جا جيڪي بہ بزرگ شاعر اڃ تائين معلوم ڪيا ويا آهن، تن سڀني گهڻو ڪري ڳاهون ئي چيون آهن، جو تہ ڳاهن جي سٽاء سادي، موضوع سادو ۽ انهن جو قالب پڻ قدري لچڪيدار ۽ وزندار آهي. سندن مضمون بہ واقعاتي بيتن وانگر، انهيءَ دؤر واريءَ سنڌ جي حدن اندر ٿيل تاريخي واقعن جي تذڪري تي ٻڌل آهي. اهي ڳاهون ئي آهن، جن ۾ سومرن ۽ سمن واري تاريخي دؤر جا اعتبار ڪرڻ جوڳا ۽ مستند احوال ملن ٿا. جن جي ميڄ لاءِ اسان وٽ معتبر تاريخي حوالا پڻ موجود آهن. مثلاً سلطان حسين ابلاٺي (پير پٺي ديبلي) جي هن ڳالهہ ديبل بندر تي سمنڊ جي وير چڙهڻ، انهيءَ سيلاب ۾ ديبل شهر جو غرق ٿيڻ، خلق جو دربدر ٿيڻ ۽ سلامتيءَ خاطر مڪليءَ ۽ پين مٿاهين ٽڪرين تي ٽڙي پکڙي وڃڻ جو المناڪ تاريخي واقعو بيان ڪيل آهي.

ديبل پاس ڏڪيلجي، آيو آب اپار،
مڪليءَ ماڳ مٿاهينءَ، ٽياسون ڏارو ڏار.

اهڙن اهڃاڻن مان خاطري ٿئي ٿي تہ هيٺت توڙي موضوع جي اعتبار کان. ’ڳاهہ‘ سنڌ جي سخن گوئيءَ جي بناءَ ۽ بنياد آهي، جنهن

جي پيڙهه مٿان پوءِ 'دوهڙي' جي دلڪش عمارت اڏي ويئي آهي. ڳاهه جي گهاڙيٽي ۽ وهٽ کي جاڻ سان اها اسان کي اهڙو ٿي ٻه-ٿپو ٻول ڏسڻ ۾ ايندي جهڙو 'دوهو'. ليڪن ڏهڙي جي پيٽ ۾ ڳاهه جو بنياد 'چند ودیا' تي ويهاريل نه آهي، پر 'سنگيت ودیا' موجب سٽيل آهي. ڳاهون چند جي ڦند سان پابند نه آهن ۽ نڪي ماترائن جي ماپي ۾ ڳائيٽي تي ڳتيل آهن. ڳاهون ڳائڻ سان اسريون آهن، تنهنڪري انهن جي بيهڪ، سُرَ جي جهيل ۽ ڍار جي آڌار تي بيٺل آهي. انهيءَ سبب ڳاهون تن جي تنوار، جيءَ جي جهونگار ۾ اندر جو آهنگ آهن، منجهن ڏهڙي واري ڏنڪ ڪانه ٿي. اها آهي ڳاهه جي اوائلي هيئت ۽ حقيقت. ٻالجتيءَ ڪان سندس شباب ۽ جوانيءَ تائين سرگذشت ۽ حيثيت.

ٻالجتيءَ جي اوائلي اوستا ڪان اڳيرو اچي، ڳاهه جڏهين اتاهه جوانيءَ جي ديوانيءَ وهيءَ ۾ پير پاتو ۽ جواني ءِجوبن جي جوت اندران اُڌمو ڪاڍو، تڏهين شباب جي تاب سندس اڳوٽا اسلوب ۽ آداب ٿي آڏائي ڦٽا ڪيا. اسحاق لهار جو 'جهرڪ' بنجي پرائي ڇڄ تي ويهڻ، انهيءَ اوائلي آداب جو ليکو لنگهڻ آهي. وڏن جي ورتل واٽ ۽ هليءَ چليءَ رسم جي برخلاف بغاوت آهي. اسحاق فقير (پندرهينءَ صديءَ) جو اهو نئون موضوع، سنڌ جي کهڻه چمار ڪويتا ۾ هڪ اهم انقلاب آهي. چند جي اوٽ ۾ پريت (سينگار) جي پالوٽ ۽ پيار جي پڪار آهي. سنڌ ۾ سورٺي ۽ دوهي جي سرجڻ جو به اهوئي سمو آهي. دوهو عشقيه جذبات (پريم رس) جو آئينه دار آهي. ان جي موضوع ۾ مستي ۽ هيئت ۾ چستي آهي ۽ اهائي چند جي بندش ۽ موضوع ۾ نراج، دوهي جو امتياز بنجي ويو آهي. انهن ٿي ٻن نادر نڪتن ۽ انوکن اصولن ۾ اڄ دوهي جي پوري وصف سمايل آهي. انهيءَ طويل تبصري جي تور تڪ مان پڪ ٿئي ٿي ته اسٽو اسحاق، سنڌ جي مٿين ذڪر ڪيل سورهن ئي ستارن ۾ پهريون شاعر آهي، جنهن نه فقط عشقيه شاعريءَ جو آغاز ڪيو آهي، پر دوهي جي فني اصولن کي ٻڻ فروغ ڏنو آهي. سندس قائم ڪيل انهيءَ معيار ۽ ان جي اصولي ماپي، سانچي ۽ ڍانچي ۾ پوءِ جا

استاد شاعر پنهنجا جوهر ٻلٽيندا پئي آيا آهن. تان جو سنڌ جي سالڪ سيد علي ثنوي (متوفي ١٥٧٣ع) انهيءَ قائم ڪيل قالب اندر پورين ڇئن سٽن جو مڪمل بيت بيهاري ڏيکاريو. جنهن جو موضوع ۽ مضمون پڻ مجازي ۽ حقيقي راز جو آواز آهي. انهيءَ زماني ڌاري ڌمڙي جي ڌاڌيءَ ماتا، ڳاهه ديويءَ پڻ سٽن صدين جي عمر ۾ هي جهان ڇڏيو.

سمنگ چارڻ جو سمو سندس سهاڳ جو سمو هو. جنهن ۾ ڦلي ۽ ڦولي رس ۽ رنگ ڪيائين. سمنگ جو ڪاويه رس جو رنگ ئي نرالو آهي. ساراهه، سِٺ، سورهيائي ۽ ثنا جا سڀ عنوان آندا اٿس. پر مرثيه ۽ مزاح وارا مضمون پڻ موجود آهن. قافيي ۽ بند جي بيهڪ ۾ به برابر محتاط رهيو آهي، تان جو آخر عمر ۾ ته ڳاهن جي انهيءَ سلسلي ۾ سندس ڪَسَبُ ڪماليت جي ڪڙيءَ تي بيٺل نظر اچي ٿو.

"همـيـران پو راهه، راڄ نه ڪندا سـومـرا."

سمنگ چارڻ جونالو، متي معلوم ڪيل سورهن ئي سڄاڻ سگهڙن ڪان اول اچي ٿو. هو قاضي قاضن ڪان ڪم از ڪم به صديون اڳاتو آهي. سومرن جي صاحبيءَ ڪان ئي سندس غوغاءُ سُڄي پيو. هو اصل سنڌ ۽ ڪڇ جي سرحد لڳ 'ڪيرا ڪوٽ' جو رهاڪو هو ۽ 'ڄام لاکي' جي راڄ جو مڱڻهار هو. هو سومرن جي راڄ جو سخت مخالف هو ۽ سما پرستي سندس سرشت ۾ سمايل هئي؛ سڄي عمر سنڌ جي سير ۽ سفر ۾ گذاريائين، جو پارڻن جي اها آبائي ۽ امتيازي عادت هئي. جنهن جي شاهه صاحب پڻ وضاحت فرمائي آهي ته:

چـارڻ سي چـئـجن، جنهين سڪ ناهه ڪو،
رمـي راهه پـِڄن، مـــــتي ڪُلهن ڪِينرا.

سومرن جي پوئين پڳدار، راءِ همير جي ڏينهن ۾، سمنگ چارڻ ملڪ جو گشت ڪندو، سنڌ جي سرويچ سما سپهه سالارن جي سورهيائيءَ جون ڪيرتون ڳائيندو وڄائيندو، نامور سما ڌاتارن وٽ رس رهاڻيون ڪندو، ڪانئن ڏان ۽ انعام اڳاڙيندو، اچي همير سومري

سردار جو سلامي ٿيو. تن ڏينهن اهي چارڻ ۽ ڀان، ايلچين جهڙو مانُ ۽ منصب ماڻيندا هئا. سمنگ جي سماپرستي تہ اڳيئي ملڪ ۾ مشهور هئي. چي: 'لاکي لک لٽائيا ۽ ڪرن بخشي ڪروڙ'. حق ساک جو اهو اعلان، سخي سردارن جي شان ۾، سندس زبان جادو بيان مان علي الاعلان گونجندو رهندو هو. سومرا سردار توڙي برسراقتدار هئا ۽ سندس راڄ ۾ سما چام فقط سکيا ستابا عوام هئا. تہ بہ هيءُ چارڻ سومرن جي حريف، سما سردارن جي سخا جا ڳڻ ڳائيندو ۽ سندن سورهيائيءَ جي ثناخواني ڪندو رهندو هو.

همير وٽ سندس اهڙيءَ هاڪ جي ڏاک اڳيئي پهتل هئي. ويتر جو سمنگ جو ساٽ شاهي طمطراق سان اچي لٿو. تنهن هيڪاري همير تي هيبت ويهاري ۽ سندس مت مُنجهائي وڌي. خچر، گهوڙا ۽ مال متاع جيڪو ڏن ۾ مليو هوس ۽ ٻيا ڪيترا ڀانها، ڀالڪا، چيلا ۽ چاڪر پڻ چارڻ سان همرڪاب هئا. همير کي اتي ئي ڪنهن ڏاهي ڏانهِي ڏني تہ 'مچاڻ هن منگتي وٽ ڪو ڪيميا جو راز آهي، جو فقيريءَ جي نالي ۾ لڪايو، اميرن کان بہ اڳرو ٿيو پيو گهمي.... فقير کان اها ڪلا ڪنهن بہ حيلي هٿ ڪجي!' حقيقت ۾ ڀارٽ ڪيمياگر نہ هو، پر هڪ پهتل فقير هو. جنهن جي ڏاري ۽ فال جي مقال بہ ملڪ ۾ موچاري هلندڙ هئي. پر سومرن ساڙ وچان سمنگ کي ساعت بہ نہ سَنو. ٺڪر ٺانيءِ جي تہ ڪنهن ڪوڙي آچ بہ ڪانہ ڪئي. هٿئون راتو واهہ سندس وهٽ وانا ڪاهي تيا روانا. سردار ڊوريءَ راهہ سومري ٿي هيءُ سوپ ڪئي هئي. سمنگ صبح جو ڏسي تہ سچ، ڪاريءَ وارا ڪک. مُنيون پيڙي پڳو بادشاهہ وٽ دانهين، جنهن دانهن سٺي داد ڪيو تہ "هٿوس ڪاٺ ۾ تہ پاٺيهي ڪلا ٻڌري ٿئيس، جڏهين منهنجي مهما سمن کان ٻڌ سرس ڳائي، تڏهن ٿرم کان ٻاهر ڪڍجوس." منگتو مڪين، هن اوچتي آئيءَ ۾ اچي ويو. پنهنجي جان ڇڏائڻ لاءِ گهڻيون ئي وينتيون ڪيائين، منهن مٿو پٽيائين، پر اڳيان بہ همير هو. نيٺ کي چڱا سکر وچ ۾ پيا، جن همير کي تڏيون مٺيون سٺائي، هن بيڏوهيءَ کي بند مان ڪڍايو. بند مان بيدخل ٿيندي ئي، هن ستايل جي سڙيل دل مان آهہ

غريبان ۽ ڏُوٺن، ڇيپون ڪري ٻڙڪي نڪتو ۽ اتي ئي ڪَنَ تي هٿ رکي، نهايت بيدِپائيءَ سان المناڪ آواز ۾ ڳاهه ڳايائين. ڇي:

هميــر ڪــان پيــئي، ســومــرن ڪــان ويئي،
هميــر ڪــان پوءِ، راڄ نـہ مــاٿن ســومــرا!

هيءَ ڦهري ڪانءُ غضب جي زبان مان، وڄ وانگر واڪو ڪري وَهي ويو. سمنگ جو سراپ هنڌين ماڳين هَلي ويو. ماڻهن ۾ اڳيئي ميجتا هئي، تہ فقير جي وائي ڏٺيءَ در اگهائل آهي، تن فقير جي هن ٻاراتي کي سومرن جي پڇاڙيءَ لاءِ اٽر اڳڪٿي ڪري قبوليو. ۽ انهن جي آڌ وڏائي جي انت جو انتظار ڪرڻ لڳا. فقير پنهنجي مال متاع تان آسرو ٻلي، پنهنجي ٻيلين سان جهنگ منهن ڪري نڪري ٻيو. ۽ سومرن جي سينہ زوريءَ جا سور هر ڳوٺ ڳليءَ ۾ ڳائيندو رهيو. انهن جي انباءِ ۽ ارڏائيءَ جا اوڳڻ عوام اڳيان اپٽاري، انهن کي اپاريندو آيو. 'ڪٿ نڪٽ نهاريندي، انهن کي آگاهہ ڪيائين تہ سومرن جي صاحبيءَ جو ويلو وهامي رهيو آهي.

ستينءَ هو ســوجــهــرو، آئينءَ تي اونداهہ،
همـــيـــراڻي باهہ، وســـائي ورهين کي.

متئين ڳاهہ ۾ فقير، ستين سن کي ڳائيندي وضاحت ڪئي آهي تہ، "بيشڪ يونگر راءِ اول جي واري ۾ سومرن جي راڄ جو روشن زمانو هو. پر اٺين صديءَ (هجريءَ، جنهن ۾ تاريخي حوالن مطابق سندن صاحبيءَ جي سج تبي ڏني آهي)، هاڻي اونداريءَ رات جو روپ وٺندي وڃي ٿي. همير جي حڪومت هاڻي هميشہ لاءِ پنهنجو تاب ڇڏي چڪي آهي ۽ سندس پوين مان ڪو بہ ڀڳدار ڪونہ ٿيندو."

فقير جي ميجتا ۽ مقبوليت جو اهو عالم هو، جو سندس وات مان نڪتل وِڻ، سومرن جي سهائي سج متان ڪاري ڪڪر وانگر ڇانئجي ويا ۽ ان کي ابد تائين اونداهو ڪري ڇڏيائون. ٻپلڪ ۽ ٻرجا کي اهو ويساهہ ڏيارايائين تہ هاڻي هميراڻي حرص جو ڏِيو، هميشہ لاءِ گل ٿيڻ وارو آهي. ڀڳدار سومرن جي سلسلي ۾ 'سناويهين پڳ' دودو هو. جنهن جي راڄ ۾ تہ ڪجهہ سهاءُ هو، پر سندس پوٽو همير پويو

جو اٺيهين پيڙهي هو. تنهن جي گادي نشين ٺينديئي، راوَن جي راڄ متان اهڙو ڪو نحس گرهہ اچي ويٺو. جو سندن سهاڳ جو ستارو، آهستي آهستي ٽمڪندو آخر غائب ٿي ويو. سمنگ سندن پيڙهين ۽ پڳڙين کي پهندي ۽ پچاريندي پڪاريو تہ:

ستاويهين سهاءُ هو، ڪئي اٺيهين اونداهہ،

هميراڻي باهہ، ٻري نہ ٻري جهڙي.

هن فقير ڳهير جي ڳوڙهين ڳاهن جي ڳٽڳوپ مان، هڪ ڳجهي ڳالهہ بہ ڳولي سگهجي ٿي. مٿيان انگ اکر (ستين، انين ستاويهين ۽ اٺيهين وغيره) سڀ حڪومت جي هيبت ۽ حراس ڪان، استعاري ۾ ويڙهيل معمائون آهن. سمنگ جي ڪلام جو ڪمال اهو چئبو جو سندس سخن جي سوز، سومرن خلاف ملڪ ۾ اهڙي تہ بغاوت جي باهہ ٻڙڪائي، جو هميراڻي حڪومت ان جي لپيٽ چپيٽ کان بچي نہ سگهي. حقيقت ۾ همير خود ڪکر ۾ ڪڙو هئي، ان جا ڏينهو ساري ڏيهہ ۾ پکيڙي وڌا. 'شامتِ اعمال او، صورت سومنگ گرفت.' هاڻي تہ هيءَ مست بہ اچي مچريو. سومرا حڪومت کان نجات حاصل ڪرڻ، هاڻي سمنگ جي باقي حياتيءَ جو نصب العين بڻجي چڪو هو. ۽ انهيءَ مقصد ماڻڻ لاءِ هن پاڻ کي سچ پچ وقف ڪري ڇڏيو هو. سنڌ جي سياست ۾ سمنگ جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي، انهيءَ جي مدنظر سندس مرتبو ۽ منصب، اسلامي تاريخ جي هيرو ۽ جڳ مشهور خطيب ابو مسلم خراسانيءَ جي مد مقابل آهي. جهڙيءَ طرح عباسي خلافت جي هن انقلابي داعيءَ ۽ گفتار جي غازيءَ پنهنجي زور زبان ۽ جادو بيان سان، دمشق جي جابر ۽ جلاد اُموي امراءَ جو انت آندو، ۽ عباسي اقتدار جو عَلَمُ بغداد مٿان بلند ڪيو. تيئن سمنگ پڻ سنڌ ۾ سومرن جي سلطنت جو انت آندو ۽ سمن جي سياسي سهاڳ جو سنڌ تي جهنڊو جهولايو.

سومرا سلطنت جي زوال واري زماني ۾ بادشاهي گهراڻي مان تڏي جا خان، جي مهمان کي ماڻ ڏيندا هئا، پنهنجو وارو وڃائي ويا هئا. سندن پوين مان اهو اباڻو انگ ۽ ننگ نڪري چڪو هو، سي هاڻي پنهنجي ماڳن تي جهوڪ ويلي جهيٽي باهہ پاريندا هئا، تہ مٿان انهيءَ

جي اولڙي تي ڪو واٺهڙو لڙي اچي يا ڪمهلو ڪو مهمان اچي ڪڙڪي، جنهن کي لولو ڪارائٿو پوي. چي: "رکو مانيءَ جو ٿاٿو ٿڙي، پوءِ باهہ پل تہ لاٿون ڪريو پٺي پري؟" سمنگ جي سر تان خود اهڙي ويل وهامي چڪي هئي، سو سومرن جي انهيءَ اوڳڻ کي اپٽاريندي، هجويہ انداز ۾ سومرن تي سٽ جوڙيائين تہ:

سچو ڦسي پيا سومرا، اڌ ڦسي پيو لوڪ،
جهيٽي پارن جهوڪ، نہ تہ ليڙپيائي لاٿون ڪري.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ٺي اول هيءَ ڳالهہ ڳولي نروار ڪئي آهي ۽ انهيءَ سلسلي ۾ صاحب موصوف پٺي هڪ بيت جو بہ ذڪر ڪيو آهي تہ "حاڪم همير سومري جي ڏينهن ۾.... هڪ چارڻ جا ڪي گهوڙا... ڊوريءَ راءِ سومري جي سازش سان چورائجي ويا." انهيءَ تي هن چارڻ پٽ طور هي بيت چيو تہ:

ڊري ڊوريءَ راءِ، جنهن "چارڻ" سان ڪاهہ،
پٽڻ پٺي جو تيو، سيج وتايو ساهہ،
همبيرا پو راهہ، راج نہ ڪندا سومرا.

مٿئين بيت جو زمانو ١٣٥٢- ١٣٦٥ع قرار ڏنو اٿن.

هن پوئين ڳاهہ جي پرتال مان پڪ ٿئي ٿي تہ ڳاهن جي انهيءَ سلسلي جي هيءَ هڪ انتهائي مڪمل ڪڙي آهي، جا سمنگ جي ڪسب ڪمال ۽ پڪيءَ چمار جو جڻ هڪ پڪل ۽ رسيل ڦل آهي. هن جون پهريون بہ سٽون تہ پاڻ ۾ ملي دوهڙي حو روپ ڌارين ٿيون، جن پنهي جو قافيو آخر ۾ اچي ٿو. پر وري ٽين سٽ بہ، اڌڪ وراٽيءَ سان آهي، جنهن جو قافيو بہ وچ تي بيٺل آهي، سا تہ سورٺي جون سڪون تي لاهي. خدا ٿئو پلائي تہ هن ڳاهہ ۾ "چارڻ" لفظ سمنگ جي تخلص طور آيو آهي. انهيءَ مضمون واريون ڪيتريون ڳاهون، جيڪي سچيءَ سنڌ جي سگهڙن وٽ هلندڙ آهن، سمنگ جي سورن جو ٺي داستان آهن.

آخرڪار سمنگ جو سڀ سٺائو ٿيو. سندس سعيا نيٺ صاب پيا ۽ ڪجهہ دعا ڪجهہ ڏڪ واري ڳالهہ پنهنجي سٽيل سٽ ۾

سوڍارو ٿيو. هاڻي وڏن ماڻهن ۾ به اچي وڳوڙ پيا ۽ راڄائي گهرائي ۾ به رڳڙا ء ڦڏا پيدا ٿي پيا. مٺي مومل جو معاملو به ان موقعي جو مسئلو بنجڻو هو. جيئن ته راڻي مينڌري جو بادشاهه پيٽويو هو ته سوڍو وري سگ ۾ سندس سالو ۽ وڏو وزير هو. تن ۾ ڦيٽهڙو پئجي ويو. جنهنڪري سوڍا (جيڪي سندن صاحبي جي سڄي ٻانهن هئا سي) ۽ سومرا پاڻ ۾ پاسيرا ٿي پيا. ٻئي طرف وري راءِ همير ۽ هالو چام جيڪي هڪٻئي جا سڳا سيڻ هئا. سي به سڱن بندن تان اهڙا اچي ٻاهڙيا. جو هيڪاري هنگامو مچي ويو. ڳالهه نيٺ اتي اچي پهتي، جو چام هالي جا پٽ -چام هوتي، پلي ۽ علي- پڙ تي نڪري نروار ٿيا ۽ ميدان ملهائي موچارا ٿيا. انهيءَ موقعي جي هن ڳاهه ۾. پليءَ چام کي غيرت ڏياريل آهي ته:

پلي پاٺي نه پيءُ، علي ان نه ڪاءُ،
هميرائي ڪوٽ سان، جان جان جنگ نه ڪياءِ.

هالي چام جو ڪونڌر ڪنئونر. ڪٽڪ جو ڪرپو، 'هوتي چام' به وڏو وير وريام هو. هن جهونجهار جي جنگ جو به جهر جهنگ غوغاءُ هلندڙ هو. هن پاونگ جي پچار ڪندي سمنگ سندس سورهيائيءَ جي ساک ڀري آهي ته:

وٿين جهلينو نه رهي، هوتي سندو گهاءُ،
ڪونه پرائيندو پاءُ. تنهن سان وجهي مامرو.

بيشڪ چام هوتي به ڏهيسر هو. هيءَ راوت رک وهنديءَ راند جو ميڙهي ۽ مانجهي هو. پر: (هن)

ڪڳمار ڪِلندي جهليا، نوَ سؤ ۽ نوَ گهاءُ،
پلي به پلتيو پڙ ۾، پيڙ هوتي پاءُ.

سمن نيٺ رڻ کي رت سان رڱي لال ڪنوار بڻائي ڇڏيو. آخر هوتي گهوٽ ڇڳير، انهيءَ رتڙي رڻ کي، موڙ ٻڌي ماڻيو. سندس ماتم جو هيءُ مرثيو ملڪان ملڪ مشهور ٿيو ته:

هوتيءَ سنديءَ ڦٽيءَ کي، هو گيو گيور گَل.
سڀ مرن سومرا، تو ڪونهي ڦٽيءَ مَلُ (مَلهه).

ڦٽيءَ جو ملهه بيشڪ مهانگو نڪتو. اهڙن افعالن هاڻي حاڪم
به سچي ڏيهه ۾ ڏنو تي ويو. سوڍا ۽ سما به سندس ساٿ ڇڏي پري
ٿيا. سمن جا حڪومت سان نزاع ويا وڌندا. ڄام ۽ عوام به پاڻ ۾
ملي هڪ ٿي ويا. نيٺ سمن جي ساري سرس تي ۽ سنڌ جي صاحبي
سندن حوالي ٿي.

سمنگ پنهنجي مشن ۾ سوڀارو ٿيو. سمن جو راڄ پنهنجي
اڳين سان ڏنائين ۽ سمانگر جي رهاڻ جو "رتَنُ" بنيو. پر وڏي ڄمار
ڪري ڪو عارضو اچي ٿيس، سو ڄام جي سلام تي وڃڻ کان معذور
هو. چون ٿا ته سندس عمر ان وقت سوا صديءَ کان به سرس هئي.
ڏينهن- وار تي بادشاهه ڏانهنس ڏولي ڏياري موڪليندو هو. ان جي
سَنڌَ لطيف وٽان ملي آهي:

چارڻ چاڙهي چوڏول ۾، تهان پوءِ نيو،
اچي رات ڪئو، سرفراز سيد چئي.

(سر ود برياتي)

ڪمار ۽ جوابدار چوڏول ڪٺائي، اچي سندس جهوليءَ اڳيان
جهمندا هئا ۽ سمنگ کي سمي ڄام جو سنيهو سڻائيندا هئا ته:

آءُ متاهون مڱڻا، چڙهي ۾ چوڏول،
توکي گهوٽ گهرائيو، راڄا منجهه رتول.

(شاهه)

فقط اهڙي موقعي تي جهونو پاڻ ڪٺائي وڃي ڪچهريءَ ۾
حاضر ٿيندو هو. نه ته پارهوئي گهر وسايو وينو هوندو هو. سما ڄام
ڪيس گهر ويني ئي وظيفا ۽ ڏان ڏياري موڪليندا هئا. سمنگ
جيتوڻيڪ پيريءَ ۾ پاٿاري وسايو وينو هوندو هو، پر سندس ڳاهن کي
پکيءَ وارا پَرَ پيدا ٿي انهيءَ عرصي اندر ٿيا. ساري ڄمار جا سمن جي
ثناخواني ڪئي هئائين، تنهن هينئر ڦني ڦر ڏنو. سندس سرپرست سخي
سما ڄام، دريا دل داتا هئا، جي مسڪين پروري ۽ ڪرم نوازي- جي
تنگ کان گهڻو نالَيرا آهن. سمنگ سندن انهيءَ انسان دوستيءَ،
هردلعزيزيءَ ۽ غريب نوازيءَ جي گن کي، سندن شاهاڻي شان جي

شايان ڳايو وڃايو آهي. سنڌ جي سڄيءَ سمات برادريءَ مان "ست سورهيہ ۽ ڏهہ ڏاتار" ڳڻي ڳايا اٿس. مدحيہ مضمون واريون اهڙيون ڳاهون، سنڌ جي سگهڙن ۾ اڄ بہ عام آهن:

کيشب گهر سورهہٰ هو، واسنگ گهر تاکو،
اوڍي گهر ڄکرو، ۽ ڦول گهر لاکو.

اهڙيءَ طرح (١) سخي سَپڙ ڄام چوٿائي، (٢) راءِ ويري جو پٽ راءِ ڏياچ چاوڙو، (٣) ڄکرو اوڍئي، (۴) اوڍو ڄکرائي، (٥) لاکو ڦلاڻي" (٦) ڄام ڪرن، (٧) ڄام هٿند تتڌيائي، (٨) ڄسوڌڻ اگڙو، (٩) وکيو ڏاتار ڄاڙيڄو ۽ (١٠) سخي ساهڙ ڄام رونجهو: اهي 'ڏهہ' ئي هن ڏيهہ جا ڏاتار، سنڌ جا سينگار، سمنگ جي ساهہ ۽ ساز جو آواز آهن. انهن کان علاوه پيا 'ست' سرفروش سورما سما: (١) ڄام انڙ وير، (٢) ابڙو اڙٻنگ، (٣) ٻونٽرو پاونگ، (۴) بانکو ٻداماڻي، (٥) کاراٽڙو کونڌر، (٦) هوٿي وريام ۽ (٧) لاکو ڦلاڻي - جن ڪلندي ڪڍندي ڪنڌ ڪپايا، انهن جا پار ڪيڍي ڪين نروار ڪيائين (ڇي: پينگهي پائي لوڏ، سر سمي ڄام جو) اهڙن اوسارن مان هوٿي ڄام جو ماتام مٿي مذڪور آهي.

اهڙن ڇتر زبان چارڻن ۾، پوئين دؤر جو "ڄمن چارڻ" مدح گو شاعرن جو سر موڙ ٿي گذريو آهي. پر اصل چارڻ جي ڇڻجن، تن ۾ پيجل پڄاڻا 'سمنگ' چارڻ ئي هڪ اهڙي هستي آهي، جنهن کي وڏي تاريخي اهميت حاصل آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ سندس نالو اهڙن ئي اهم واقعات جي يادگار طور ئي قائم رهندو اچي، جنهن جو مثال مٿي اچي چڪو آهي. سنڌي ادب ۽ ان جي تاريخ ۾ پڻ سمنگ جي شخصيت نمايان آهي. سنڌ جا سڄاڻ ۽ سندس سوانح جي مختلف موقعن جي مقال ڪندا، سندس نالو جيئرو رکندا پئي آيا آهن ۽ انهن موقعن جي نسبت واريون ڳاهون، سنڌ جي سگهڙن وٽ اڄ بہ عام آهن. اهڙن عجيب واقعن مان ٻئي بہ هڪڙي مشهور واقعي جو مثال مختصر طرح هيٺ ڏجي ٿو. هيءُ واقعو سندس جوانيءَ جي سئر سفر واري سمي سان

وابسته آهي. جنهن موجب سمنگ چارڻ، لاکي ڦلاڻيءَ ڄام سان هوڏ هٺي، وڪيبي ڏاتار جي سخا آزمائڻ لاءِ. ڪيس اٿمدائتن پيرن جي انوکي سٽن اچي هنئي. جي ائين آهي ته ڄام لاکي ڦلاڻيءَ جو ڪردار اتي اَنيرا؛ • ڪان اتاهون نتو رهي. ڪن جڳن جو چوڻ آهي ته اصل ۾ اهو اڙانگو سوال" سمنگ خود لاکي ڄام وٽ ئي وڃي وڌو هو. چي: "ڄام لاکا، منهنجي گهر اميدواري آهي. چارڻيءَ کي پيرن جي چاهَت ٿي آهي، انهي لاءِ تنهنجي جود ۽ سخا جي هاڪ ٻڌي، پيرن جي لپ واسطي اچي تنهنجو در جهليو اٿم. هاڻي منهنجي مشڪل آسان ڪر!" لاکو ڄام اهڙي عجيب صدا ٻڌي حيران ٿي ويو. وبتر چارڻ چوڻ لڳس ته "وڪيو ڄام به ڏاتار آهي ۽ هو سواليءَ جي سٽن سٽي، سِر سوڌي به سخا ڪري ڇاڻي ٿو. پر آءٌ ته تو وٽ ئي آس رکي آيو آهيان، جو توکان نه پڇي ته وڃان وڪيي ڄام وٽ". اِيترو ٻڌنديئي لاکو تپي باهه ٿي ويو. چي: "هينئر جو هينئر منهنجي ملڪ مان نڪر. سڌو وڪيي وٽ وڃ. اٿن پهرن اندر يا ته وڪيي جي ملڪ مان پيرون اچي پهچاءِ، يا ته سندس سر آڻي ڏي. نه ته تنهنجي ۽ تنهنجي چارڻيءَ جي سر جو خير ناهي." ائين ڳالهه مان ڦري ڳالهوڙو ٿي پيو. پيرون ته پيرن جي ماڳ، مورڳوئي جهڳي کي رولو! سمنگ اتان ئي، پيجل وانگر ڪينرُ ڪلهي ڪري، رمندو رهيو.

سنڌ جي سبوجهن اهڙن احوالن کي به سانڍي سلامت رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ميرن جي صاحبيءَ ۾، ڪراچيءَ واري ڪوهستان جي ڪنهن شاعر. حاجي موسي "حاجيءَ"، انهي واقعي جي تاريخي ۽ ادبي اهميت محسوس ڪندي، ان جي ياد قائم رکڻ لاءِ سربستي ڳالهه اول کان آخر تائين وير ي منظوم ڪري، محفوظ رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جوي ٿو:

هو ڪامل رهندڙ ڪڇ جو، هيءُ سنڌو سالار،
هو سخي سخاوت اڳرو، اوچو تنهن اوتار،
لاکي ڄام لوڪ مان، سئو سارو سماچار،
سو ورنهه پيو وماس ۾، وڏي سان ويچار،

کنهن ڏينهن ڪَهي آيو، ات مانجهي مٿيادار،
سو سائل ان سنباهيو، ٻُرس انهيءَ جي پار،
تہ وهلو وڄ تون وڪبي ڏي، جو تو ڏان ڏني ڏاتار،
پيرون پني آءُ تون، مگج متو مگڻهار،
تحقيق وجي تڪرار، تون سَڌ لهي آءُ سمنگا!

مثال ٻيو:

پوءِ وسايو وٿاڻ ڏي، هيجان ويو هلي،
تنهن منهن آئي مانڪي، جهونجهارا هيءَ جهلي،
پيرون تنهن جي پور ۾، پيا ٻَڪا ٽار تلي،
تنهن ڏاڻ ڏنو ڏاتار هو، حاجي" چوي هلي،
راحم رب وڪيي جي، سائين ڪي سولي،
لٿس گوندر گهٽ تان، ٻي ٻلي ڪيس ٻلي،
هن پاٺ پروڙيو ڪين ڪي، آڳاٽو اصلي،
ڏات وٺي سو ڏيس تي، چوڪس ويو چلي،
تنهن ثابت سَڌ سلي، وجي لاکي اڳيان لال جي.

آخري بيت:

تڏهن سٺي سو سرهو ٿيو، وڏيرو وريام،
مڪو تنهن مانجهيءَ ڏي، ٻُرس لکي پيغام،
تہ سخي تون سخاوت اڳرو، آهي نر تنهنجو نام،
توسان راضي رب ڏٺي، ٻيو مير محمد چام،
هاٿي مرسل سر مدام، ڪلمو ڪَهو قلوب سان.

اهڙيءَ طرح انگريزن جي اوائلي دور (١٨٧٠ع) ۾، ورنيڪيولر لٽريچر ڪميٽي بہ آخوند عبدالرحيم عباسي (ٺٽي ضلعي) کان ساڳيو "قصو وڪبي ڏاتار جو" ڇپائڻ خاطر لکائي هٿ ڪيو هو. خانبهادر حاجي محمد صديق ميمڻ بہ سندس تاريخ ۾ انهيءَ ساڳئي وڪبي ڏاتار جي پچار ڪئي آهي. تازو مهراج منگهارام اوجها (ننگرپارڪر) بہ ساڳي آکاڻي لکي آهي، جنهن ۾ اهي ڳاهون بہ اڃي وڃن ٿيون، جيڪي سمنگ سٺن هٿن وقت ڏهہ ڏاتان جي شان ۾ ڳايون هيون. انهن مان ڪي

ڳاهون نموني طور هيٺ ڏجن ٿيون. ته پارکن جي ڪسوٽيءَ جي مهميز ماٺين ۽ سمنگ جي سخن سنجيءَ جو به سماءُ پوي.

سمنگ، وڪبي ڏاتار وٽ پهچي ڏسي ته هو سندس گهيٽي جي ٽنگ کي پٽيون پيو ٻڌي؛ اتي وڪبي چارڻ کي چانڪ هڻي چيائين ته:

ڦلاٺي لاکي وٽ، مـــــون وڏو ڪيـــــو تي وات،
گهيٽن پٽيون جو ٻڌي، سو ڏيندو ڪهڙي ڏات.

وڪبي ڏاتار وراڻيو ته "اي چاچڪ، اسين چيٽين ۽ ننهن سان چونڊي ميڙي ڏن ڪنو ڪندا آهيون، ۽ جڏهن ڏان ڏيندا آهيون ته اهو ساڳيو ڏن جهول ڀري لٽيندا آهيون. تون پنهنجي گهر پڌري ڪر ته پتو پوي." چارڻ چيو ته "سائين پيرن لپ خاطر پنڌ ڪيوا ٿم. گهر ٻر اميدواري اٿم ۽" (هوءِ)

ان کي اوڏي نه ٿـــئي، پڪـــو مـــاس نه ڪـــاءِ،
چـــارڻي چـــتـــرائي ســـان، پيـــرون ويٺي پچـــاءِ.

ڏاتار ڏڍ ڏيئي چيس ته "اي ڀاٽ، پيرون به اجهي ته پڪا، پرديـــسيان پنڌ ڪري آيو آهين، ڪا ساعت مون وٽ ويهي مال مليدا ڪاءِ، جيسين نٿين وٽ لهي." چي سائين؛

وٽ اچي تيـــــين ويهـــان، تنهن کي لڳي دير،
جيءُ چارڻيءَ جو وڃي، سو واري ڏيندو ڪيـر؟

چارڻ چوي ته چڙهني گهوڙي گهر پوري ڪري پوئي وران، پيرن جي نه مند، نه وٽ، نه ساڪ! پيرون اچن ڪتان؟ سچ چيو اٿن ته "اندو مڱڻهار، اٺڏنيءَ ڪري آر" ترٺ تي بهشت پيو طلبي. وڪبي کيس راضي ڪرڻ لاءِ مانڪ موتي آڇيا. پر چارڻ چوي ته "پيرون ڏي، نه ته سر ڏي!" نيٺ سمي چام سندس سڄڻن سان صلاح ڪئي، جن سياڻپ ڀري صلاح ڏنيس ته سون جا نقلي پيرون ڏيئي، هن جن کان جند ڇڏاءِ. وڪبي چام پوءِ سون جا پيرون گهڙائي، انهن متان ماڪيءَ مَڏ جي چاش چاڙهي، ڦاندو ڀري هن ڏي ڏياري موڪليو. وَسائي سندس اڳيان مٽ رکي، اچا ڍڪ لاٿو ته هيجي چارڻ امالڪ هڪ داٿو ڪئي.

ذات هيٺ ڏنو. هيءَ ميوات نہ هئي، پر سخت ذات هئي. چارڻ جهڙي چپ ڏني، تهڙي چيڪ نڪري ويس. جي:

وڪيي جا ذات ڪئي، تنهن سان ڏند جهرن،
چارڻ پيرُون او مگي، جي چارين منجهہ پَچن.

"گگر گگر پندا اڙيا". پوت چڏي، جن چڏي، پر جاجڪ نہ چڏي. اياڳي چارڻ، ڏاتارِ ڪي اڙانگيءَ آزمائش ۾ اچي وڌو. وڪيو ڏاڍو اچي ششدر ٿيو. جي "سر بہ ڪٽي ڏيان، تہ بہ اصلي گهَر تہ پوري ڪانہ ٿي. جي هن سائل جي معمولي سَئُن بہ نہ تو اونائي سگهان، تہ هيءَ ڍاندي وجي ڍنڍورو ڏيندو ۽ آءٌ ڏاتارن ۾ ڏنو ٿيندس." انهيءَ اداسيءَ جي عالم ۾ جڳ جي ڍڪٺار ڪي پنهنجيءَ لڄ ڍڪڻ لاءِ ليلايائين. تنهن تي:

مينهن جُتي هئي مائڪي، وٺي ستين سمندين پار،
پائي آندا ها پور ۾ ڪَچا پڪا تار.

اتي وڪيي، ڏاتارن جي ڏاتار اڳيان متو ٽيڪي، پاي جا پالَ ميجيا. پينار ڪي پيرون ڏيندي اولانيو آڪيائين تہ "اڙي سمنگيا ڪوڙهيا، ڏاتارن ڪان اهڙا اٺمنداٺنا ڏان گهرڻ ڪين؟" ڏاتار جو ڏک پريو ڏورايو، چارڻ ڪي چقمق وانگي چهٽي ويو. چون ٿا تہ چارڻ جي نراڙ تي سچ بچ "ڪوڙهہ" جو اڇو نِڪو پيدا ٿي پيو، جو پيريءَ تائين نہ لٿس. سندس اولاد وارا اڄ تائين "ٽِڪڙيا چارڻ" چوائين ٿا.

چام ڪرن، سمو؛ ان سلسلي ۾، ٽيون واقعو 'چارڻ' جو چشم ديد بيان ڪيو وڃي ٿو. اها روايت، اڄ تائين هلندي اچي، ملڪان ملڪ مشهور آهي.

ڳالهہ ڪرڻ وارا، هن پر ٿا ڪهَن تہ سمون چام ڪرن، پنهنجي پارهن - ماهي جشن ۾ ڪروڙن جا ڪروڙ روپيا ڦلن وانگر چٽيندو هو. اڙيات، محتاج ۽ مفلس ايترا تہ اچي سهڙندا هٺا، جن جو متو ئي ڪونہ هوندو هو. پر سمي چام وٽ ڪا بہ سوڙهہ محسوس نہ ٿيندي هئي. سمنگ چارڻ بہ هڪ دفعي اهو تماشو وڃي ڏٺو هو. هتي انهيءَ منظر جو اکين ڏٺو احوال ڏنو اٿس:

جهه متو مگڻن ناهه ڪو، تان سمي نہ آهي سوز،
ڪرن چـــام ڪروڙ، جــتي ڦلن مُٺ جـيــئن.

هاڻي ناظرين ڪرام جي خدمت ۾، ڏهن ڏاتارن جي واڪـاڻ واريون ڪجهہ ڳاهون نموني لاءِ پيش ڪجن ٿيون، تہ جيئن سمنگ جي ساري ڪلام تي مجموعي نگاهہ پئجي وڃي. انهن ۾، جکري رانگڙ جو پوٽو ۽ ويري راءِ (پرم راءِ ڪنواٽ) جو سپوٽ، راءِ ڏياج چاوڙو اول اچي ٿو. سمنگ سندس ساک هن طرح پري آهي تہ:

بيـــــٽـــــو ويرم راءِ، پوٽو رانگڙ جکري،
ڏنو راءِ ڏياج، مـــٿـــو مگڻـــهـــار ڪي.

ماتا ٿذي ٻائيءَ جو لال چام هُٿند ٿذياڻي، جنهن لک لٽائي سندس ڏاڏي سخيءَ ساهڙ چام جون سڪونِ لاٿيون، تنهن جي پُري ڳائي پڌري ڪيائين تہ:

ٿـــذي تج ڏنيـــاس، ســمـــون ســاهڙ پٽ ۾،
پڌرو پرڪنداس، هٿند ٿـــذياڻي ٿـــئـــو.

چام اوٺو جکراڻي تہ سوالين کي چوپائي مال جون چانگون ڪاهي ڏان ۾ ڏيندو هو. مال جون اهي گوهرون، جنهن بہ ڏاتار جي ڏيهہ مان متينديون هيون، تہ سندن ڪرن جي (دز) عرشين اڏامي وڃي ابرين لڳندي هئي. راڄن جا راڻا ۽ ڏيهن جا ڏاتار، انهيءَ رج (ڌوڙ) ۾ رڱجي، سجاڻ ڪان ٿي پري ٿي پيا ۽ سندن نالو ناموس بہ انهيءَ لٽَ ۾ لتجي جهڪو ٿي ويو. (يعني راجوڙي جي مٽي اڏامي تہ بہ چون تہ اوٺي چام سخا ڪئي هوندي، ٻئي ڪنهن جو بہ نالو ڪونہ ڪٽن)"

اوٺـي جي ڏانن، ڪـــيـــهـــون ابر لڳيـــون،
رج پـــئـــي راڻـــن، ڏاتـــار تـــت ڏتـــجـــي ويـــا.

ٻيلي ڏٺي، سخي سپڙ چام چوٺاڻي تہ سٺو ڪوهہ تان سمنگ جي سَئن سٺي، سندس سار لذي. انهيءَ موقعي جو اهڃاڻ تہ ٻٽ ڏٺي بہ ڏنو آهي:

باجهاڻو پيلي ڏٺي، ٻجهاڻن باجهه پئي،
سپڙي سا سُئي جيڪا چارڻ چت ۾.

(سرود پرڀاتي)

عاجز منگتي جي گهر وڃي سنڀال جي مثال تہ ڏاتار کي ڏيهن ۾ ڏيو ٻڌائي ڇڏيو. رسالي شريف جي روپ بلاول ۽ پرڀاتيءَ سرود جا اهڙا ڪئين بيت آهن، جن ۾ شاهہ سائين سخين ۽ سپڙ جي ساراهہ ڪندي، سُمنگ وارا ساڳيائي موضوع استعمال ڪيا آهن. سمنگ پنهنجي هن مربيءَ جي منقبت هن طرحُ ڳائي آهي:

در آئي مڱڻي، دان سپيڪو ڏي،
سپڙ سوساري، جو جهوپڙين ۾ جهپڪيو.

سپڙ چام رونجهو، سخين جو سردار ۽ اڙين جو آڌار هو. محتاجن مٿان مهر جو مينهن ٿي وٺو ۽ غريبن جا غم ڪاٽيائين. ڏکين کي ٻہ ڏن ڏنائين ۽ چارڻن کي تہ چوڪي پاٺيءَ جي چنتا کان ئي آجو ڪري ڇڏيائين. سمنگ پنهنجي هن مربيءَ داتا کي اهڙي تہ هيج ۽ ڪوڏ سان ڳايو آهي، جو سندس نالو بہ سدائين لاءِ (بطور اهڃاڻ جي) سپڙ جي ثنا جو لازم ملزوم جز بڻجي ويو. ميين ڪريم بلڙيءَ واري، سخي سپڙچام جي روايتي ثنا جي اپٽار ڪندي، هن مسڪين منگتي سمنگي فقير کي پڻ اشارتاً ياد فرمايو آهي:

جهوڙيرا جهٽڪن، مٿي ميين مڱڻا،
سپڙ رات سُمنگيا، ڏکيا ڏاڻ ڏسن.
گهر ٿا گهوٽ وڃن، چنتا لٿي چارڻين.

چارڻن جي چنتا ڇو نہ لهي، جو سپڙ سمون، هند.سنڌ جو هڪڙو حاتم اهڙو تہ سخي ساماڻو آهي، جو ويچارا عاجز ۽ بيڪس، ڏتڙيل ۽ ڏهيلا، سڀني جو ڏڍ آهي. پوءِ ڀلا اهڙي فياض ۽ شفيق حاڪم جي راڄ ۾ رهي، ڪنهن جي بہ ڪاڻ ڪيڻ ڪا جڳائي ٿي؟ شاهہ سائين تہ هيئن فرمايو آهي تہ:

مستان وڙ وڃائيين، ٻئي در ليلائي،
سمي ساماڻي، چنتا لٿي چارڻين.

هاڻي چنتا ڇاجي؟ جڏهن ولهو تہ ڏيهہ ۾ رهيو ئي ڪونہ! هن جوان پنهنجيءَ جود سان ولها سڀئي ونهيان بتائي ڇڏيا آهن. پيلي سنڌو پان، سمنگ جي ساهہ جو سلطان، جڏهين پٽ ڏٺيءَ جي دربار عاليہ ۾ ياد ڪيو ويو آهي، تہ سنڌس ثناخوان ۽ عاشق صادق ويچارو سمنگيو غريب پڻ، سڀني اڳهاڻل سوالين جي پاران ۽ نوازيل رعايا جي نمائندگي ڪندي، داتا جي دامن لڳي، سمي جي سام، سخيءَ جي سنگ، سنڌس سايو بنجي اچي ڪچهريءَ ۾ ڪَنُ ٻڌائي ٿو. سريراڳ جي هڪڙي وائي ملاحظہ فرمايو:

.... پاجهہ پيلاٽي پائيان.
مــتــان مــون ڪي ڇــڏئين، پيلي سندا پان،
پاجهہ پيلاٽي پائيان.
ولهــا سڀ ونهــيــان ڪيــا، تنهنجي جــود جــوان،
پاجهہ پيلاٽي پائيان.
سڀ ســوالي "ســمنگيــا"، داتا ڏيئي دان،
پاجهہ پيلاٽي پائيان.(داستان پيو)

مطلب تہ سمنگ چارڻ جو نالو اسان جي ادب ۽ تاريخي روايتن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان، ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾، جيئرو رهندو پئي آيو آهي. صدين جون صديون اورانگهيندو، پاڻ سان گڏ ايامن جا اهڃاڻ اڳتي ڏڪيندو، اچي ويهين صديءَ ۾ منهن ڪڍيو اٿس، سنڌس نالو اڄ تائين جو قائم دائم آهي، تنهن جو ڪارڻ آهي ئي سندس لافاني گفتا ۽ امر ٻول آهن. جن ۾ پانت پانت جون ٻوليون ٻڌايون اٿس. انهن تي رکو سرسري نگاهہ وجهڻ سان پتو پئجي سگهي ٿو تہ سندس "ڪاويہ رس" ٻاهن جي مقرر معيار کان گهٽ مٿي ايريل آهي. اهڙي پڙتال ڪندي هيءَ ڳالهہ پڻ پڌري پٽ آهي، تہ سمنگ کان اڳ سنڌس وڏن ۾ ڪيئي سگهڙ ساماڻا هوندا، جن خود سمنگ لاءِ بہ ڪس کهڙيون هوندو. اهڙي معما جي منڍ معلوم ڪرڻ لاءِ مناسب آهي تہ سنڌي شاعري جي انهن اوائلي استادن، وچڙيل وارثن ۽ پيرمردن جا پند رند پچائي، پراڻن پيچرن تان سنڌن پير آموزي، ڪنهن نہ ڪنهن منزل

تي ڪين هلي هٿ ڪجي. اهڙي جستجو جاري رکندي عين ممڪن آهي ته اسين انهيءَ اصلي ناٿي ۽ ٽڪاٽي تائين به پهچي وڃون، جتان هن قديم قوم جي عظيم ادب جي ابتدا ٿي هجي. اهڙيءَ طرح ٿي ادب جا اهم اهڃاڻ ۽ قيمتي ڪڙيون ڳولي ترتيب ۽ تناسب سان ملائي دنيا اڳيان دعوا ۽ دليل سان دم هڻي سگهنداسين ته اسان جو ادبي ورثو ۽ ترڪو، مستند طور ڪيترو نه قديم عظيم ۽ قابل قدر آهي.

ڏورين سي ڏسن، جـــڏهن ڪڏهن هوت ڪي.

حوالا

(١) سمنگ جي ڳالهه ننڍي هوندي والد مرحوم جن کان ٻڌل آهي. جدا جدا سگهڙن کان سمنگ جو نالو سومنگ (سوم= چنڊ+ انگ = مهانڊو). سمنگ (سڻ= سُنو+منگ= سوال). سپنگ (سُنو پنگ يا پاڻ). سومنگو. سمنگيو وغيره- ٻڌڻ ۾ آيو آهي.

(٢) ڊاڪٽر دائودپوٽو مرحوم، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. پروفيسر خواجه غلام علي الانا. محترم محمد خان غني وغيره.

(٣) سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ؛ ڊاڪٽر بلوچ ٢- مشهور سنڌي قصا (لوڪ ادب جا ڪتاب). ٣- ٽه ماهي مهراڻ ۽ ماهوار نئين زندگي وغيره.

(٤) مسو پرڳڙيءَ جا پٽ فقير، هيءَ جنگ نامون (Ballad) ڳائڻ ۾ سڄيءَ سنڌ ۾ برک آهن.

(٥) هندي ادب جي تاريخ (ڊاڪٽر محمد حسن) ويرگاٿا ڪال صفحي ٢٨ کان ٤٨ تائين (اختصار ڪيل)

(٦ ۽ ٨) "قديم سنڌي شاعريءَ جا ڪي نادر نمونا" (مضمون) محترم محمد خان غني، ٽماهي مهراڻ، جلد ١١، سال ١٩٦٢ع، نمبر ٤.

(٨) "..... حقيقي ۽ مجاز راز جو آواز آهي. مضمون "سنڌي علم ادب" رسالو نئين زندگي ڪراچي، ماهه مئي ١٩٥٠ع (سيد علي نتوي) "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" ص ١٢٤-١٢٥ ۽ سنڌي قديم شاعري" ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو. رسالو نئين زندگي، ماهه سيپٽمبر ١٩٥٨ع.

(٩) سپر هٿا سومرا، ڪٿي ڏيران، پرجاءِ، همير جس ماتاءِ، چارڻ چوندو ايترو (والد مرحوم).

(١٠) سمنگ چارڻ جي ڳالهه ۽ ان سان واسطو رکندڙ ڳاهون. عنايت فقير ميراسيءَ جي ڏهٽن- نواز علي، دوست علي ۽ مولابخش (ويٺل مسو پرڳڙي. تعلقو حيدرآباد) کان مليون آهن.

(۱۱) همير ڪان پئي..." فقير ڪريم بخش ۽ مولا بخش ميراسي، ڳوٺ عنايت فقير.
(۱۲) ستين، هو سوجهرو..." عنايت ميراسيءَ جي ڳوٺ مان.
(۱۳) ستاويهين سهاءِ هو..." عبدالله ۽ سواد فقير مڱڻهار (ڳوٺ جنڊل ڪوٺ تعلقو هالا).
(۱۴ ۽ ۱۵) "سچو ڦسي پيا - ڏري ڏوريءَ راءِ" سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ. ص ۶۹ ـ ۷۰.
(۱۶) پلي ٻاٿي نہ پيءُ...." سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، ص ۶۸.
(۱۷) وٽين جهليو نہ رهي..." هيءُ بيت اڏي ڪيهر ۽ هوٿل پريءَ جي ڳالهہ ۾ بہ ص ۴۱ تي آهي. ساڳيو بيت ميراسي فقيرن وٽ بہ آهي. "مشهور سنڌي قصا: سنڌ جا عشقيہ داستان-۱"
(۱۸) ڪڱماري...
(۱۹) هوٿيءَ سنڌي ڦٽي... سنڌي ٻولي ٻولي جي تاريخ" ص ۶۸.
(۲۰) ڪيشب گهر "مشهور سنڌي قصا، عشقيہ داستان-۱ ص ۱۵۲ لاڪو ڦلاڻي.
(۲۱) ذهہ ڏاتار "لوڪ ڪهاڻيون -۷ ڳاهن سان ڳالهيون" ص ۱۷۶- وڪيو ڏاتار.
(۲۲) ست سورهيہ: سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" ۸۸- ۹۰ ۽ ۹۱
(۲۳) حافظ موسو: "سنڌ جي ادبي تاريخ"، جلد پهريون. ص ۱۶۶ کان ۱۷۰.
(۲۴) آخوند عبدالرحيم: "سنڌ جي ادبي تاريخ"، جلد پهريون. ص ۱۶۶ کان ۱۷۰.
(۲۵) خانبهادر "سنڌ جي ادبي تاريخ"، جلد پهريون. ص ۱۶۶ کان ۱۷۰.
(۲۶) ڦلاڻيءَ لاکي وٽ...." هن کان پوءِ ست ڳاهون مهراج منگهارام اوجها جي مضمون "وڪيو ڏاتار" مان.
(۲۷) مينهن جتي هئي ماتڪي..." دين محمد شيخ ريڊيو سنگر.
(۲۸) جهوڙيرا جهنڪن..." تذڪره لطفي- شاهہ ڪريم جو بيان.